SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVI، 1970
# سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن آرڊيننس، 1970

فهرست(Contents)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان، شروعات ۽ حد عمل (Application)
2. تعريفات (Definitions)
3. قيام ۽ شموليت (Establishment and in Corporation)
4. بورڊ جي جوڙجڪ (Constitution of Board)
5. چيئرمين ۽ ارڪان (Members) جي نااهلي، هٽائڻ ۽ استعيفي
6. بورڊ جون گڏجاڻيون (Meetings of the Board)
7. ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority)
8. ضابطو رکندڙ اختياري جا اختيارات (Powers of Controlling Authority)
9. مشاورتي جماعت (Advisory Council)
10. بورڊ جا اختيارات ۽ ذميواريون (Powers and duties of the Board)
11. نصابي ڪتاب (Text Books)
12. جماعتون (Committees)
13. عملدار ۽ ملازم (Officers and Servants)
14. عملدارن ۽ ملازمن جا اختيارات ۽ ذميواريون (Duties)
15. پراويڊنٽ فنڊ يا پينشن (Provident Fund or Pension)
16. چيئرمين کي اختيارات جي منتقلي (Delegation) ، وغيره.
17. بورڊ ۽ ان جي ملازمن جي استثني (Immunity)
18. بورڊ هڪ مقامي اختياري هئڻ (Local Authority)
19. بجيٽ جا ڪاٿا (Budget Estimates)
20. حساب ڪتاب رکڻ (Maintenance of Accounts)
21. ساليانو خبر چار (Reports) ۽ حاصلات (Returns) پيش ڪرڻ
22. جاچ پڙتال (Audit)
23. تصديق (Validation)
24. ڪارگذاري (Acts) ، حڪمن (Orders) جو تحفظ (Protection)
25. قاعدا (Rules)
26. ضابطا جوڙڻ لاءِ بورڊ جا اختيارات (Powers of Board to make Regulations)
27. منسوخي (Repeal)

30هين ڊسمبر، 1970

هڪ آرڊيننس، سنڌ بورڊ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن جي جوڙجڪ ۽ قيام لاءِ

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي لاءِ سنڌ بورڊ فني تعليم (Technical Education) جي جوڙجڪ ۽ قيام هيٺين ريت ضروري ٿي پيو آهي:

هاڻي، تنهن ڪري، 25 مارچ 1969ع جي مارشل لا جي اعلان جي عمل جي روشني ۾، عبوري آئيني حڪم (PCO) سان گڏ پڙهو ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن موجب سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس نافذ (Promulgate) ڪرڻ فرمايو آهي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هي آرڊيننس، سنڌ بورڊ فني تعليم (Technical Education) جي جوڙجڪ ۽ قيام لاءِ هڪ آرڊيننس، 1970 سڏيو ويندو.

(2) هي آرڊيننس، ان وقت نافذالعمل ٿي ويندو، جڏهن حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن شايع ڪرائيندي.

(3) اهو اهڙي شخص تي لاڳو نه ٿيندو جيڪو ان وقت ڪنهن نظام تحت ڪنهن قانون جي تربيت حاصل ڪندو هجي.

وصفون (Definitions)

2. هن آرڊيننس ۾، جيستائين مفهوم (context)، جو مطلب ٻئي هنڌ پيو نه هجي تيستائين هيٺين لفظن جي معنيٰ هيٺين ريت سمجهي ويندي:

(a) "بورڊ" مطلب هن آرڊيننس (Ordinance) تحت جوڙيل سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن.

(b) " مرڪز (Centre)" مطلب ادارو جيڪو فني مضمونن ۾ سَنَدُن (Certificates) جي سطح تي تربيت ڏيندو هجي،

(c) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو سربراهه.

(d) "جماعت (Committee)" مطلب دفع 19 (Section) تحت جوڙيل جماعت (Committee)،

(e) "امتحانن جو ڪنٽرولر" مطلب بورڊ جي امتحانن جو ڪنٽرولر.

(f) "ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority)" مطلب بورڊ جي ضابطو رکندڙ اختياري،

(g) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت

(h) "ادارو" مطلب ادارو جيڪو بورڊ طرفان مڃيل هجي، ڊگري کان هيٺين سطح جي فني ۽ معاشي تعليم ڏيندو هجي ۽ ان سان گڏوگڏ هڪ پولي ٽيڪنيڪل اداري، هڪ فني اداري، هڪ معاشي اداري، هڪ ووڪيشنل اداري ۽ ڪنهن ٻئي اداري يا ڪاليج جيڪو ڊپلوما يا سندن جي سطح تي فني، معاشي يا ووڪيشنل مضمونن ۾ تعليم ونندو هجي،

(i) "ادارو" مطلب هڪ ادارو يا مرڪز

(j) "رڪن" مطلب بورڊ جو رڪن، (Member)

(k) "جاڳايل (Prescribed)" مطلب قائدن ۽ ضابطن موجب جاڳايل

(l) "پرنسپال" مطلب اداري جو سربراهه

(m) "مڃيل" مطلب بورڊ طرفان مڃيل (Recognized)

تيارءِ شموليت:

(n) “قاعدن ۽ ضابطن” مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل ترتيبوار قاعدا ۽ ضابطا

(o) “سيڪريٽري” مطلب بورڊ جو سيڪريٽري،

3. (1) هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ شرط ٿي، هن آرڊيننس تحت حڪومت کي سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن نالي سان هڪ بورڊ جوڙيون ۽ قائم ڪيو ويندو.

(2) بورڊ هڪ باڊي ڪارپورٽ هوندا ۽ وراثتي ملڪيت جي منتقلي حاصل ڪرڻ ۽ عام پابندي، ملڪيت کي پاڻ وٽ رکڻ جي سگهه ۽ ساڳي ملڪيت کي منتقل ڪرڻ تي، پنهنجي ڪارپوريٽ نالي طرفان ڪيس ڪري سگهن ٿا يا انهن تي ڪيس ٿي سگهي ٿو.

4. (1) بورڊ هيٺين رڪنن (Members) تي مشتمل هوندو:-

(i) چيئرمين،

(ii) پرنسپال، اين اي ڊي انجنيئرنگ ڪاليج، ڪراچي،

(iii) پرنسپال، سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج، ڄامشورو

(iv) ڊائريڪٽر فني تعليم (Technical Education)، سنڌ،

(v) چيئرمين، ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمورڊ ڪراچي]، ۽ چيئرمين ثانوي تعليمي بورڊ، ڪراچي،

(vi) چيئرمين، ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ، حيدرآباد،

(vii) ڊائريڪٽر، “بيورو آف ڪريڪولم (Bureau of Curriculum)، تعليمي سڌاري (Education Extension) . خصوصي خدمتون (Specialized Services)، سنڌ”،

(viii) چيئرمين، سنڌ نصابي ڪتاب بورڊ،

(ix) هڪ پرنسپال پوليٽيڪنڪ اداري لاءِ، ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority) طرفان نامزد (Nominate) ڪيو ويندو،

(x) هڪ سربراهه (Head) معاشي اداري (Commercial Institute) جو ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority) طرفان نامزد ڪيو ويندو،

(xi) هڪ سربراهه (Head) هنري اداري (Vocational Institute) يا فني تربيتي مرڪز (Technical Training Centre) لاءِ، ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority) طرفان نامزد ڪيو ويندو،

(xii) هڪ صنعتڪار (Industrialist) ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority) طرفان نامزد ڪيو ويندو،

(xiii) ضابطو رکندڙ اختياري (Controlling Authority) مرڪزي جماعت (Central Council)، انسٽيٽيوٽ آف انجنيئرز پاڪستان، جو هڪ رڪن (Member)، جنهن جو تعلق سنڌ ۾ اداري جي ڪنهن مقامي مرڪز سان هجي، کي نامزد ڪري سگهي ٿي.

(xiv) “ڊپٽي ڊائريڪٽرز، ڊائريڪٽوريٽ آف ٽيڪنيڪ سنڌ، جي نياڻين لاءِ هنري تعليم جي ادارن (Vocational Institutes of Girls) لاءِ”،

(2) رڪنن (Members) جا نالا سرڪاري گزيٽ ۾ ڇاپايا ويندا. (Notified)

